هفتيوار رسالو

تقريباً 36 سال پهريان جو بيان

# بي نمازي جون سزائون

(سنڌي)

بي نمازي جون دنيا ۾ 5 سزائون

جهنم انتهائي ڪاري آهي

الله پاڪ جي رحمت مان مايوس نہ ٿيو

وضو ڪندي وقت مُرڪڻ لڳا

شيخ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي حضرت علامہ و مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج1 ص40 دار الفكربيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت



(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: **بي نمازي جون سزائون**

ڇاپو پهريون:

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه

جو رسالو

# بي نمازي جون سزائون

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي) **عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محلہ سوداگرانپراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:**☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

# بي نمازي جون سزائون

دعاءِ عطار: اي رَبّ ڪريم! جيڪو هي رسالو ”بي نمازي جون سزائون “ مڪمل پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي پڪّو نمازي بڻاءِ ۽ ان جي والدين سميت بي حساب بخشش فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# درود شريف جي فضيلت

مسلمانن جي ٻئين خليفي حضرت عُمرفاروق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمايو: بيشڪ دعا زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ رُڪيل رهندي آهي ۽ ان کان ڪا شيءِ مٿي ناهي ويندي جيستائين توهان پنهنجي نبيِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ نه پڙهو. (ترمذی، 2/ 28، حديث:486)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# مون ايئن ڇو ڪيو؟

حضرت ابو عثمان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مان حضرت سلمان فارسي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سان گڏ هڪ وڻ جي هيٺان بيٺو هيس ته پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ اُن وڻ جي هڪ سُڪل ٽاري کي پڪڙيو ۽ اُن کي هِلايو ايستائين جو اُن جا پنّ ڇڻي پيا پوءِ فرمايائون: اي عثمان! ڇا توهان مون سان نه پڇندا ته مون ايئن ڇو ڪيو؟ مون پڇيو: اوهان ايئن ڇو ڪيو؟ فرمايائون: هڪ ڀيرو مان رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان هڪ وڻ جي هيٺان بيٺو هيس ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ايئن ئي ڪيو ۽ اُن وڻ

جي هڪ سُڪل ٿاري کي پڪڙي هِلايو ايستائين جو ان جا پن ڇڻي پيا پوءِ فرمايائون: اي سلمان چا تون مون کان نہ پڇندي تہ مون هي عمل ڇو ڪيو؟ مون عرض ڪيو: اوهان ايئن ڇو ڪيو؟ ارشاد فرمايائون: بيشڪ جڏهن مسلمان چڱي طرح وضو ڪندو آهي ۽ پنج نمازون ادا ڪندو آهي تہ اُن جا گناهہ اهڙي طرح ڇڻي پوندا آهن جهڙي طرح هي پن ڇڻندا آهن. پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي آيتِ مبارڪ پڙهي:

وَ اَقِمِ الصَّلٰوةَ طَرَفَیِ النَّهَارِ وَ زُلَفًا مِّنَ الَّیْلِ ؕ اِنَّ الْحَسَنٰتِ یُذْهِبْنَ السَّیِّاٰتِ ؕ ذٰلِكَ ذِكْرٰى لِلذّٰكِرِیْنَ ﴿۱۱۴﴾

(پ 12 : ہود: 114)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ ڏينهن جي ٻنهي ڪنارن ۽ رات جي ڪجهہ حصي ۾ نماز قائم رکو. بيشڪ نيڪيون براين کي مٽائي ڇڏينديون آهن، هي نصيحت مڃڻ وارن جي لاءِ نصيحت آهي

(مسند امام احمد،178/9،حديث:23768)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! نماز هڪ عظيم عبادت آهي، جيڪو پابندي سان پڙهندو اهو جنت جو حقدار ٿيندو ۽ جيڪو نہ پڙهندو اهو عذابِ نار(باهہ جي عذاب) جو حقدار ٿيندو. هر مسلمان عاقل ۽ بالغ مرد ۽ عورت تي روزانو پنجن وقتن جي نماز فرض آهي. ان جي فرض هجڻ جو انڪار ڪرڻ ڪفر آهي ۽ جيڪو ڄاڻي واڻي هڪ نماز ڇڏي اهو فاسق، سخت گنهگار ۽ عذابِ نار جو حقدار آهي. نماز هڪ تاڪيدي فرض آهي، اللّٰه پاڪ قرآن پاڪ ۾ نماز قائم ڪرڻ جي سختيءَ سان تاڪيد فرمائي آهي. قرآن پاڪ ۽ حديثن ۾ بي نمازيءَ لاءِ ڪيتريون ئي سزائون بيان ڪيون ويون آهن، جن مان ڪجهہ سزائون پڙهو ۽ عبرت حاصل ڪيو.

# بي نمازين جي لاءِ جهنم جي خوفناڪ وادي

سيپاري 16 سورت مريم آيت نمبر 59 ۾ اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

فَخَلَفَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ خَلْفٌ اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ وَ اتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ فَسَوْفَ يَلْقَوْنَ غَيًّا ﴿۵۹﴾

ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ انهن جي پٺيان انهن جي جاءِ تي اهي نالائق آيا جن نمازون وڃايون ۽ پنهنجي خواهشن جي پٺيان لڳا عنقريب پوءِ اهي دوزخ ۾ ”غَيّ“ جو جهنگ ڏسندا.

## هولناڪ کوھ

بيان ڪيل آيتِ مقدسه ۾”غَيّ“ جو ذڪر آهي، حضرت علامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”غَيّ“ جهنم ۾ هڪ وادي آهي جنهن جي گرمي ۽ گِهرائي(اونهائي) سڀ کا وڏيڪ آهي، هن ۾ هڪ کوھ آهي جنهن جو نالو ”هَب هَب“ آهي، جڏهن جهنم جي باھ وسامڻ لڳندي آهي ته اللّٰه پاڪ ان کوھ کي کولي ڇڏيندو آهي جنهن سان اها ساڳي وانگر ڀڙڪڻ لڳندي آهي، اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو: كُلَّمَا خَبَتْ زِدْنٰهُمْ سَعِيْرًا ﴿۹۷﴾ (سيپارو15،بنی اسرائيل:97) جڏهن وسامڻ لڳندي اسان ان کي اڃان وڏيڪ ڀڙڪائيندا سين. اهو کوھ بي نمازين ۽ زانين ۽ شرابين ۽ وياج وٺندڙن ۽ ماءُ پيءُ کي تڪليف پهچائيندڙن جي لاءِ آهي.

(بهارِ شريعت جلد1ص434)

## دنياوي کوھ

اي عاشقانِ رسول! خوفِ خداوندي کان ڏڄي وڃو! ۽ گهبرائجي جلد پنهنجي گناهن کان توبه ڪري وٺو! بيان ڪيل روايت ۾ بي

نمازين، شرابين، زانين، وياج خورن ۽ والدين کي تڪليف رسائيندڙن جي لاءِ درسِ عبرت آهي. هن خوفناڪ کوھ کي سمجھڻ لاءِ ڪڏهن ڪنهن دنياوي کِهري کوھ جي ڪناري تي بيهي ان جي گهرائيءَ تي نظر وجهو ۽ سوچو تہ جيڪڏهن دنيا جي هن کوھ ئي ۾ قيد ڪيو وڃي تہ پوءِ چا هن عذاب کي برداشت ڪري سگهنداسين؟ جيڪڏهن نہ ۽ يقيناً نہ تہ جهنم جي خوفناڪ کوھ جو عذاب ڪيئن برداشت ٿي سگهندو! ( فيضانِ نماز، ص422)

## بنا گوشت جي چهرا

”قرّةُ العيون“ ۾ نقل ڪيل هڪ حديثِ پاڪ ۾ هي مضمون آهي تہ امتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ڏھ ماڻهو اهڙا آهن جن تي الله پاڪ بروزِ قيامت غضبناڪ ٿيندو، انهن جا چهرا بنا گوشت جي هڏين جو ڍانچو هوندا ۽ انهن کي جهنم ڏانهن وني وڃڻ جو حڪم فرمائيندو. اهي ڏھ ماڻهو هي آهن (1) پوڙهو زاني (2) گمراھ پيشوا (3) شراب جو عادي (4) ماءُ پيءُ جو نافرمان (5) چغل خور (6) ڪوڙي گواهي ڏيڻ وارو (7) زڪوٰة نہ ڏيڻ وارو (8) وياج خور (9) ظالم ۽ (10) بي نمازي. پر بي نمازي لاءِ ٻيڻو (يعني ڊبل) عذاب هوندو. ۽ بي نمازي قيامت جي ڏينهن اهڙي حال ۾ اٿندو جو ان جا ٻئي هٿ ان جي ڪنڌ سان ٻڌل هوندا ۽ ملائڪ ان کي ماري رهيا هوندا، جنت ان کي چوندي: ”نہ تون مون مان آهين ۽ نہ مان تو مان. “ ۽ جهنم چوندو: مان تو مان آهيان ۽ تون مون مان، الله پاڪ جو قسم! يقيناً مان توکي سخت ترين عذاب ڏيندس. ان وقت ان (بي نمازي) لاءِ دوزخ جو دروازو کُلي ويندو ۽ هو تيز رفتار تيرَ جيان ان جي دروازي ۾ داخل ٿيندو، ۽ ان جي مٿي تي هٿوڙا هنيا ويندا ۽ جهنم جي اُن طبقي ۾ هوندو جنهن ۾ فرعون، هامان ۽ قارون هوندا.

(قرة العيون، ص 384 ملخصاً۔ نیکیوں کی جزائیں اور گناہوں کی سزائیں، ص 18، 19 ملخصاً)

# بي نمازي جي لاءِ نہ نور هوندوءِ نہ دليل هوندوءِ نہ ئي نجات

رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”جيڪو شخص نماز جي حفاظت ڪري ان جي لاءِ نماز قيامت جي ڏينهن نور، دليل ۽ نجات هوندي ۽ جيڪو ان جي حفاظت نہ ڪري، ان لاءِ بروزِ قيامت نہ نور هوندو ۽ نہ دليل هوندو ۽ نہ ئي نجات هوندي. اهو شخص قيامت جي ڏينهن قارون، فرعون، هامان ۽ اُبَيّ بن خلف سان گڏ هوندو.“ (مسند امام احمد جلد2 ص574 حديث 6587)

حڪيمُ الاُمّت حضرت مفتي احمد يارخان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: (حديثِ پاڪ جا هي لفظ: جنهن نماز جي حفاظت ڪئي) اهڙي طرح جو نماز هميشہ پڙهي، صحيح طرح پڙهي، دل لڳائي اخلاص سان ادا ڪندو ڪري، هي ئي معنيٰ آهي نماز قائم ڪرڻ جي جنهن جو حڪم قرآنِ ڪريم هر هر ڏنو آهي: ”اَقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ“ (يعني نماز قائم ڪيو) ۽ حديثِ پاڪ جي هن حصي (نماز بروزِ قيامت نور ۽ دليل ۽ نجات هوندي) جي متعلق فرمائن ٿا: قيامت ۾ قبر بہ داخل آهي ڇوتہ موت بہ قيامت ئي آهي. مطلب اهو آهي تہ نماز قبر ۾ ۽ پلصراط تي روشني جي صورت ۾ ايندي جو سجده گاهہ (نرڙ) تيز بيٽري جيان چمڪندو ۽ نماز ان جي مؤمن بلڪ عارِف بِاللّٰہ (يعني اللّٰہ پاڪ جي سڃاڻپ رکڻ وارو) هئڻ جو دليل هوندي پڻ ان نماز جي ذريعي ان کي هر جڳهہ نجات ملندي (يعني ڇوٽڪارو ملندو)، ڇوتہ قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهريون سوال نماز جو ٿيندو، جيڪڏهن هن ۾ ڀانهو ڪامياب ٿي ويو تہ اِنۡ شَآءَ اللّٰہ اڳتي بہ ڪامياب ٿيندو.

(مراٰة المناجيح جلد1ص367، 368)

# بي نمازيءَ جون 15 سزائون

الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي تہ: ”جيڪو نماز جي پابندي ڪندو، الله پاڪ پنج ڳالهين سان ان جي عزت فرمائيندو: (1) ان کان تنگي ۽ (2) قبر جو عذاب دور ڪندو- (3) الله پاڪ اعمال نامو ان کي سڄي هٿ ۾ ڏيندو (4) اهو پلصراط تان بجلي وانگر تيزي سان گذري ويندو ۽ (5) جنت ۾ بنا حساب جي داخل ٿيندو ۽ جيڪو سُستي جي ڪري نماز ڇڏيندو، الله پاڪ ان کي ”15 سزائون“ ڏيندو: پنج دنيا ۾، ٽي موت جي وقت، ٽي قبر ۾ ۽ ٽي قبر مان نڪرندي وقت،

## دنيا ۾ ملڻ واريون 5 سزائون

(1) ان جي عمر مان برڪت ختم ڪئي ويندي (2) ان جي چهري مان نيڪ ٻانهن جي نشاني متائي ويندي (3) الله پاڪ ان کي ڪنهن عمل تي ثواب نہ ڏيندو (4) ان جي ڪا دعا آسمان تائين نہ پهچندي ۽ (5) نيڪ ٻانهن جي دعائن ۾ ان جو ڪو حصو نہ هوندو.

## موت جي وقت ڏنيون ويندڙ ٽي سزائون

(1) اهو ذليل ٿي مرندو (2) بکيو مرندو (3) اڃارو مرندو جيڪڏهن ان کي سڄي دنيا جا سمنڊ پيئاريا وڃن تڏهن بہ ان جي اُڃ نہ ويندي.

## قبر ۾ ڏنيون ويندڙ ٽي سزائون

(1) ان جي قبر کي ايترو سوڙهو ڪيو ويندو جو ان جون پاسيريون هڪٻئي سان ملي وينديون (2) ان جي قبر ۾ باهہ ٻرڪائي ويندي پوءِ اهو ڏينهن رات ڪوئلن تي ابتو سبتو ٿيندو رهندو ۽ (3) قبر ۾ ان تي ازدهو (يعني تمام وڏو نانگ) مسلط ڪيو ويندو جنهن جو نالو اَلشُّجَاعُ الْاَقْرَع (يعني گنجو نانگ) آهي، ان جون اکيون باهہ

جون هونديون جڏهن تہ ننهن لوهہ جا هوندا، هر ننهن جي ڊيگهہ هڪ ڏينهن جي مسافت (يعني فاصلي) تائين هوندي، اهو ميت کان ڪلام (يعني گفتگو) ڪندي چوندو ”مان اَلشُّجَاعُ الْاَقْرَع (يعني گنجو نانگ) آهيان“. ان جو آواز ڪڙڪيدار بجلي جيان هوندو، اهو چوندو: ”منهنجي رب مونکي حڪم ڏنو آهي تہ فجر نماز ضايع ڪرڻ تي طلوعِ آفتاب (يعني سج نڪرڻ تائين) ماريندو رهان ۽ نماز ظهر ضايع ڪرڻ تي عصر تائين ماريندو رهان ۽ نمازِ عصر ضايع ڪرڻ تي مغرب تائين ماريندو رهان ۽ نمازِ مغرب ضايع ڪرڻ تي عشاء تائين ماريندو رهان ۽ نماز عشاء ضايع ڪرڻ تي فجر تائين ماريندو رهان.“ جڏهن بہ اهو ان کي (يعني مڙدي کي) ماريندو تہ اهو ستر هٿن تائين زمين ۾ ڌڄي ويندو ۽ اهو (نماز ترڪ ڪرڻ وارو) قيامت تائين عذاب ۾ مبتلا رهندو.

## قيامت ۾ ملڻ واريون ٽي سزائون

(1) اهي حساب جي سختي (2) ربّ قهار جي ناراضگي ۽ (3) جهنم ۾ داخلا اهن.[1] (ڪتاب الڪبائر للامام الحافظ الذهبِي ص24)

وضاحت: بيان ڪيل حديثِ پاڪ ۾ پندرهن سزائن جو تذڪرو آهي پر تفصيل 14 سزائن جي بيان تي آهي شايد راوي کان پندرهين سزا وسري وئي. البت فقيهہ ابُو اللَّيث سمرقندي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي نقل ڪيل روايت ۾ مڪمل پندرهن سزائن جو ذڪر آهي جن ۾ هي شامل ڪري ونجي تہ پندرهن جو عدد پورو ٿي ويندو.“ دنيا ۾ ان کان مخلوق نفرت ڪندي. (قرة العيون مع روض الفائق، ص- ٣٨٣)

[1] ڪيترن ئي محدثن هن روايت جي اسناد تي جرح فرمائي آهي جڏهن تہ ڪيترن ئي عالمن واعظ ۽ نصيحت جي ڪتابن ۾ ان کي شامل بہ ڪيو آهي. تنهنڪري بي نمازين کي نماز جي قريب آڻڻ جي لاءِ ”فيضانِ نماز“ ۾ هن روايت کي شامل ڪيو ويو آهي-

نمازن ۾ سستي ڪندڙ سوچين! ڇا انهن کي منظور آهي ته انهن جي عمر مان برڪت ختم ڪئي وڃي! ڇا انهن کي پسند آهي ته انهن جون دعائون قبول نه ٿين! ڇا انهن کي پسند آهي ته نيڪ ماڻهن جون دعائون به انهن جي حق ۾ قبول نه ٿين! ڇا انهن کي قبول آهي ته نماز ۾ سستي ڪرڻ جي سبب ذلت واري موت ماريا وڃن! ڇا انهن کي پسند آهي ته مرڻ وقت اهڙي سخت اُڃ لڳي جو سمندن جو پاڻي به پيارڻ جي باوجود سندن اُڃ نه وڃي! ڇا انهن کي قبول آهي ته قبر انهن کي ائين ڀڪوڙي جو انهن جون هڏيون پاسيريون پچي هڪٻئي ۾ ملي وڃن! ڇا انهن کي پسند آهي ته قبر ۾ باهه ڀڙڪي پوي ۽ اهي ان باهه ۾ اُبتا سُبتا ٿيندا رهن! ڇا انهن کي منظور آهي ته قبر ۾ هڪ وڏو نانگ اُنهن تي مُسّلط ڪيو وڃي، جيڪو انهن کي هر وقت ماريندو رهي ۽ هڪ ڀيرو ماري ته اهي 70 گز زمين ۾ ڌڪجي وڃن، پوءِ اهو پنهنجا ننهن زمين ۾ وجهي پنهنجو چنبو داخل ڪري انهن کي ٻاهر ڪڍي ۽ ماريندو رهي! ڇا انهن کي قبول آهي ته قيامت جي ڏينهن انهن جي سامهون باهه جو ڪڪر اچي بيهي! ڇا انهن کي پسند آهي ته الله پاڪ پنهنجي غضب واري نگاهه سان انهن کي ڏسي جنهن سبب انهن جي چهري جي کَل ۽ گوشت ڇڻي پوي! ڇا انهن کي پسند آهي ته قيامت جي ڏينهن الله پاڪ انهن کان سخت ناراض ٿي سختي سان حساب وٺي ۽ پوءِ دوزخ ۾ وڃڻ جو حڪم ڏئي! يقيناً هي انهن کي منظور نه هوندو، ته پوءِ اي بي نمازيو! قرآن پاڪ جي حڪم: ”اَقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ“ (پ1،البقرة:43) ترجموڪنزالعرفان: ”نماز قائم ڪيو“ تي عمل ڪندي نماز پڙهڻ وارا بڻجي وڃو. ڏسو! نماز جو حڪم الله پاڪ به ڏنو آهي، پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به ڏنو آهي ۽ الله پاڪ جي انهن اوليائن به ڏنو آهي جن جي پاڪ مزارن تي اسان زيارت لاءِ ويندا آهيون. ڏسو! جيڪڏهن اڄا به نمازون نه پڙهيون ته مرڻ کان پوءِ پڇتائڻو پوندو. هر ڪو اها خواهش ڪندو ته اي ڪاش! مون کي

اجازت ملي تہ مان قبر ۾ بہ رڪعتون پڙهان پر پوءِ موقعو نہ ملندو. ان ڪري اڄ ڪان ئي پڪو ذهن بڻائي ڇڏيو تہ اي الله پاڪ! تو اسان کي نماز پڙهڻ جو حڪم ڏنو تہ اسان اڄ ڪان نماز جي پابندي جو ارادو ڪيون ٿا. يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان اسان کي نماز پڙهڻ جو حڪم ڏنو تہ اسان اڄ ڪان پڪو فيصلو ڪيون ٿا تہ نماز نہ ڇڏينداسين، اي الله پاڪ جا اولياء! توهان اسان کي نماز پڙهڻ جي تاڪيد ڪئي تہ اسان اڄ ڪان پڪو عهد ڪري ورتو آهي تہ هاڻي اسان جي ڪا نماز قضا نہ ٿيندي.

## سڪون الله پاڪ جي ذڪر ۾ آهي!

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هر ماڻهوءَ جي اها خواهش هوندي آهي تہ ڪيس گهڻي دولت ملي پر نصيب جي ڳالهہ آهي جو اهو مفلس ٿي ويندو آهي. هر ماڻهو چاهيندو آهي تہ هو ڪڏهن بہ بيمار نہ ٿئي، پر تقدير جو فيصلو آهي تہ هو بيمار ٿي پوندو آهي. هر انسان جي هي خواهش هوندي آهي تہ مٿس ڪا مصيبت نہ اچي، پر زندگيءَ جا ڏک ڏسڻا ئي پوندا آهن. هرشخص سڪون چاهيندو آهي تہ مون کي سُڪون ملي پر اهو بيچينيءَ جو شڪار رهندو آهي. هر شخص اهو چاهيندو آهي تہ هو ڪڏهن بہ نہ مري بهرحال ان کي موت اچي ويندو آهي، اهو چاهيندو آهي تہ منهنجي جواني برقرار رهي پر پوڙهو ٿي ويندو آهي، اهو چاهيندو آهي تہ حڪومت منهنجي هٿ ۾ اچي، پر غلام بڻجي ويندو آهي تہ ائين انسان زبردستي پنهنجي مرضي هلائڻ چاهيندو آهي هلائي ناهي سگهندو جو تہ سندس واڳ (لغام) ڪنهن ٻي جي قدرت ۾ آهي ۽ اهو جڏهن چاهيندو آهي تہ ان جي واڳ ڇڪي وٺندو آهي. ٻانهو پنهنجي طور تي وڏيون وڏيون سرڪشيون ڪندو آهي، پر نيٺ ان جي ظلم جو دور ختم ٿي ويندو آهي. قدرت جڏهن انتقام وٺندي آهي تہ انسان لاچار ٿي ويندو آهي ۽ هو بي وس ٿي

ويندو آهي. ڏسو! فرعون وڏو ظالم ۽ جابر بادشاهه ٿي گذريو آهي. هن وڏو زور لڳايو ته ڪنهن به طرح سان هُو حضرت موسىٰ عَلَيْهِ السَّلَام تي غالب اچي پر اچي نه سگهيو. فرعون ڪيئي سؤ سال تائين زنده رهيو ۽ عمر پر صحتمند به رهيو پر ڇوته لغام ڪنهن ٻي جي قدرت ۾ آهي، جڏهن ان لغام ڇڪي ته ايڏو وڏو جابر بادشاهه درياءِ نيل ۾ غرق ٿي ويو. نمرود کي ڏسو! الله پاڪ کيس وڏيون نعمتون ڏنيون پر هو نعمتون ملڻ تي شڪر ادا ڪرڻ بدران پاڻ کي خدا سمجهي وينو. حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام تي غالب اچڻ لاءِ وڏيون سازشون ڪيائين پر ايڏو وڏو بادشاهه هئڻ جي باوجود آخرڪار هڪ ننڍڙي مَندي مڇر جي ذريعي هلاڪ ٿيو. مفسرَ فرمائن ٿا: جنهن مڇر نمرود کي هلاڪ ڪيو اهو منڊو هيو ۽ اهو مڇر ان جي نڪ ذريعي دماغ تائين پهتو ۽ کيس ماري ڇڏيو ايئن نمرود ذليل ٿي ڪري ماريو ويو. (تفسير نعيمي، 61/3-62) هن مان معلوم ٿيو ته هن دنيا ۾ ڪنهن جي مرضي ناهي هلندي ۽ لغام ڪنهن ٻي جي هٿ ۾ آهي ۽ هو جڏهن چاهيندو آهي ته ان کي ڇڪي وٺندو آهي. پوءِ ڇو نه انسان ان جي طرف رجوع ڪري، جنهن جي دستِ قدرت ۾ لغام آهي. جڏهن سڀ ڪجهه انهيءَ وٽ آهي، سڀ ڪجهه اهو ئي ڪندو آهي، اهو ئي سڀ ڪجهه ڪرڻ وارو آهي، سڀني کي انهي پيدا ڪيو، اهو ئي زنده رکندو ۽ اهوئي ماريندو ته پوءِ ٻانهو ان طرف رجوع ڇو نٿو ڪري؟ اڄڪلهه سڪون ڳولڻ وارو چاهيندو آهي مون کي سڪون ملي وڃي ۽ ان مقصد جي لاءِ اهو انٽرنيٽ کوليندو آهي، گانا باجا ٻڌندو آهي، تاش کيڏيندو آهي، شطرنج وڇائيندو آهي، فلمون ڊراما ڏسندو آهي، شراب پيئڻ ۾ لڳي ويندو آهي ۽ خبر ناهي ڇا ڇا ڪندو آهي پر ان کي سڪون ناهي ملندو ڇوته سڪون انهن شين ۾ ناهي، نه ئي سڪون منهنجي ۽ توهان جي اختيار ۾ آهي.

ياد رکو! سکون جنهن جي دستِ قدرت (قبضي) ۾ آهي، ان سکون جو اصل ذريعو ئي کجهه ٻيو ٻڌايو آهي. ڪيترن ئي سکون حاصل ڪرڻ لاءِ ٿي وي ڪولي ڇڏيا، گانا ٻڌڻ ۽ فلمون، ڊراما ڏسڻ لڳا ته شايد سکون ملي، پر انهن کي سکون نه مليو، ڇو ته سکون انهن شين ۾ ناهي، بلڪ الله پاڪ جي ذڪر ۾ آهي.

جيئن ته سيپارو 13، سورة الرعد جي آيت نمبر 28 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

﴿اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَىٕنُّ الْقُلُوْبُ۝۲۸﴾ **ترجمو ڪنز الايمان:** ٻڌو! الله جي ياد ۾ ئي دلين جو چين آهي. بيشڪ محفلِ ذڪر ۾ الله، الله چوڻ به ذڪر آهي ۽ ان سان به سکون ملندو آهي، پر صرف اهو ئي ذڪر ناهي، بلڪ ذڪر جون ٻيون به ڪيتريون ئي صورتون آهن، جيئن: **نماز، قرآن پاڪ جي تلاوت، نعت شريف، تسبيح، نيڪ ماڻهن جا حالات بيان ڪرڻ وغيره.** (تفسير صراط الجنان، پارو 1، البقرة، تحت الآية: 114، 193/1 ملخصاً) جيڪڏهن ڪو شخص سکون حاصل ڪرڻ چاهي ٿو ته ان کي گهرجي ته الله پاڪ جي بارگاهه ۾ رجوع ڪري ۽ نماز جي پابندي ڪري، اِنْ شَآءَ اللّٰه ان کي سکون ضرور ملندو. ياد رکو! جيڪڏهن توهان الله پاڪ جي بارگاهه کان منهن موڙيندؤ ۽ ٻين جاين تي سکون ڳوليندؤ ته توهان لاءِ مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا، پر جيڪڏهن توهان الله پاڪ جي در تي رهندؤ ته هو توهان کي نوازيندو، ڇو ته هو وڏو رحيم ۽ ڪريم آهي. جيڪو الله پاڪ جو ٿي ويندو آهي ڪائنات ان جي تابع ٿي ويندي آهي پر جيڪو الله پاڪ جي حڪمن تي عمل ناهي ڪندو ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو دامن ڇڏيندو آهي ته الله پاڪ ان کان رُسي ويندو آهي ۽ جڏهن اهو رُسي ويندو آهي ته "لغام" ڇڪي وٺندو آهي ۽ جڏهن هو "لغام" ڇڪي وٺندو آهي ته دنيا جي ڪا به طاقت بچائي ناهي سگهندي.

پيارا اسلامي ڀائرو! هن ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته ايمان آڻڻ وڏي سعادت آهي پر نيڪ عمل ڪرڻ به ضروري آهي .جيڪڏهن اسان نيڪ عمل نه ڪيا ۽ الله پاڪ پنهنجي ڪرم سان اسان کي بخشي ڇڏيو پوءِ اها اسان جي طرفان بي وفائي ٿيندي جو اسان الله پاڪ جي رضا لاءِ ڪجهه به نه ڪيو، حالانڪ دنيا جو اصول آهي ته جنهن جو کائبو ان جو ڳائبو. ڏسو! اسان الله پاڪ جون نعمتون کائيندا آهيون، اُن جي رحمت سان زندگي گذاري رهيا آهيون، پر جڏهن نماز پڙهڻ جو وقت ايندو آهي ته نافرماني ڪندا آهيون! جيڪڏهن الله پاڪ ناراض ٿي ويو ۽ ان اسان جي حياتيءَ جي ڏور ڇڪي ورتي ته پوءِ اسان جو انجام تمام خراب ٿيندو. ياد رکو! اهو ته طئي آهي ته ڪجهه نه ڪجهه مسلمان ضرور اهڙا هوندا، جيڪي (نعوذ بالله!) جهنم ۾ داخل ڪيا ويندا. اسان جهنم جو نالو ته ٻڌندا رهندا آهيون پر اسان مان ڪيترن کي اها خبر به نه هوندي ته جهنم اصل ۾ ڇا آهي؟ اچو، ٿورو جهنم بابت پڙهون:

## جهنم جي شدت ۽ تپش جو حال

**حضورِ اڪرم** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ **حضرت جبرئيلِ اَمين** عَلَيْهِ السَّلَام حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: يا رسولَ **الله** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ان ذات جي قسم، جنهن اوهان کي نبيِ برحق بڻائي موڪليو آهي، جيڪڏهن جهنم کي سوئيءَ جي سوراخ جيترو کوليو وڃي ته سموري زمين وارا ان جي گرميءَ سبب هلاڪ ٿي وڃن! (معجم اوسط، 78/2، حديث: 2583 ملخصاً) **ڪروڙين اربين ميلن** جي مفاصلي تي هجڻ باوجود جهنم **جي تپش ايتري شديد آهي** جو جيڪڏهن **سوئيءَ جي سوراخ برابر** ان کي کوليو وڃي ته **ساري مخلوق هلاڪ ٿي وڃي**. پوءِ **جيڪو ڀاڻ جهنم ۾ ويندو، ان جو ڇا حال ٿيندو**؟ هڪ قول مطابق **"جهنم ستين زمين جي هيٺيان آهي"**. (شرح عقائد نسفيه، ص249)

## جهنم انتهائي ڪاري آهي

حضرت **ابو هريره** رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي تہ **حضورِ اقدس** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جهنم جي باھہ هڪ هزار سال تائين ٻاري وئي تان جو اها ڳاڙهي ٿي وئي، پوءِ هڪ هزار سال تائين ٻاري وئي تان جو اها اڇي ٿي وئي. پوءِ هڪ هزار سال تائين ٻاري وئي تان جو هاڻي اها انتهائي ڪاري ٿي چڪي آهي. (ترمذي، 266/4، حديث: 2600)

**اونداهي هجڻ** بذات خود **عذاب** آهي! جيڪڏهن بجلي هلي وڃي تہ **اونداهي هجڻ جي سبب** ماڻهو **بي چين ۽ پريشان** ٿي ويندا آهن سو ايئن اونداهي پاڻ هڪ دهشت ڏيارڻ واري آهي ۽ پوءِ ان سان گڏوگڏ ايتري **خوفناڪ ڪاري باهہ** بہ **هوندي !خرابي آهي ان بدنصيب ماڻهوءَ لاءِ جيڪو جهنم ۾** ويندو.

## اللّٰه پاڪ جي رحمت کان مايوس نہ ٿيو

پيارا اسلامي ڀائرو! اللّٰه پاڪ جي رحمت کان مايوس نہ ٿيو ! بس توهان اللّٰه پاڪ جا فرض مثلاً نماز، روزو، حج، زڪوات وغيره خوش اسلوبيءَ سان ادا ڪندا رهو، ان جي منع ڪيل شين کان بچو ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دامن کي مضبوطيءَ سان پڪڙي رکو، اللّٰه پاڪ اوهان کان راضي ٿي ويندو ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ اوهان جو ٻيڙو پار ٿي ويندو. ڏسو! اسان پنهنجي ٻارن سان محبت ڪندا آهيون ۽ ان محبت جي ڪري انهن جون سڀ خواهشون پوريون ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. مثلاً جيڪڏهن اسان جو ٻار چئي: ابو! مون کي موٽر ڪار گهرجي تہ اسان چوندا آهيون، منهنجا پيارا پٽ! هڪ نہ ٻلڪ بہ وٺي ڏيندس! پوءِ هڪ ٻدران بہ چابي واريون موٽر ڪارون اُن کي آڻي ڏيندا آهيون. اهڙي طرح جيڪڏهن اسان جو ٻار چوي: ابو! مون کي سائيڪل گهرجي تہ اسان محبت ۾ ان جي اها خواهش بہ پوري ڪري ڇڏيندا آهيون.

هاڻي اسان پنهنجو جائزو وٺون ته اسان سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت ڪيون ٿا ۽ پاڻ ڪي عاشقانِ رسول سڏرايون ٿا پر نمازون قضا ڪري ڇڏيندا آهيون حالانڪ سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جُعِلَتْ قُرَّةُ عَيْنِیْ فِی الصَّلٰوۃِ يعني نماز ۾ منهنجي اکين جي ٺڏاڻ رکي وئي آهي. (نسائي، ص 644، حديث: 3945)

ڏسو! جنهن سان محبت هوندي آهي، ان جي اکين جي ٺڏاڻ جو به لحاظ رکبو آهي، پر اسان محبت ڪرڻ جي باوجود پنهنجي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اکين جي ٺڏاڻ جو لحاظ نٿا رکون!صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم کي سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان سچي محبت هئي، تنهنڪري اهي هميشه پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ادائن کي ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ان سلسلي ۾ ڪجهه واقعا پڙهو:

## وضو ڪندي مرڪڻ لڳا

مسلمانن جا ٽيان خليفا حضرتِ عُثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْهُ زبردست عاشقِ رسول بلڪ عشق مصطفيٰ جو عملي نمونو هئا. هڪ ڀيري وُضو ڪندي مُرڪڻ لڳا! ماڻهن سبب پڇيو ته فرمايائون: مون هڪ ڀيري سرڪارِ نامدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هن جاءِ تي وُضو ڪرڻ کان پوءِ مُرڪندي ڏٺو هو- (مسندامام احمد،130/1، حديث:415 ملخصاً )

وُضو کر کے خَنداں ہوئے شاہِ عثماں
کہا کیوں تَبَسُّم بَھلا کر رہا ہوں؟
جوابِ سُوالِ مُخاطب دیا پھر
کسی کی ادا کو ادا کر رہا ہوں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪنهن جي ادا کي ادا ڪري رهيو آهيان

حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُما مڪي پاڪ ويندي هڪ ٻير جي ٿاري ۾ پنهنجو عمامو ڦاسائي اڳتي وڌي ويندا هئا پوءِ واپس تي

عمامو ڇڏائي وري اڳتي وڌندا هئا. ماڻهن پڇيو: هيءُ ڇا؟ ارشاد فرمايائون: **رسولُ الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو عمامو هن بير ۾ ڦاسي پيو هو ۽ حضور** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **ايتري فاصلي تائين اڳتي هليا ويا هئا ۽ واپس ٿي پنهنجو عمامو ڇڏايو هو.**

(نورالايمان بزيارة آثار حبيب الرّحمٰن، ص15ملخصاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو صحابه ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي پياري آقاءِ مديني واري مصطفٰی صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪيتري نه محبت هئي جو هو هر ممڪن ڪوشش ڪندا هئا ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ادائن کي پنهنجن عملن ۾ شامل ڪن.

صحابه ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان سچي محبت هئي پر افسوس! اڄ اسان جي محبت صرف ڳالهين تائين محدود آهي. هاڻي اوهان پڙهيو ته حضرتِ عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا عمامو شريف سجايل هئا جڏهن ته اسان عمامي شريف جي سنت کي وساري ڇڏيو آهي. اَلْحَمْدُلِله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** هن دور ۾ عمامي شريف جي سنت کي زنده ڪري ڇڏيو آهيءِ اهو ئي سبب آهي جو اڄ اسان هزارين نه پر لکين ماڻهن جي مٿن تي عمامو پاتل ڏسون ٿا نه ته اڳي تمام گهٽ ماڻهو عمامو شريف سجائيندا هئا. ياد رکو! اگهاڙي مٿي رهڻ جي صورت تڏهن مُيَسَّر ايندي جڏهن اوهان عمامو شريف پائڻ ڇڏي ڏيندؤ ڇو ته عمامي شريف کي کيسي ۾ رکڻ مشڪل آهي جڏهن ته ٽوپي کيسي ۾ رکڻ آسان آهي. بدقسمتي سان عمامي شريف جي سنت گهٽ ٿي وئي آهي حالانڪ **پياري آقاءِ مڪي مدني مصطفٰی** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مٿي مبارڪ تي **عمامو شريف ٽوپي جي مٿان** سجائي رکيو ۽ ان جي ترغيب به ڏني. جيئن هڪ ڀيري پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عمامي شريف ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو: ملائڪن **جا تاج اهڙا ئي هوندا**

**آهن**. (كنزالعمال،8/205، حديث: 41902 ملخصاً) پڻ هڪ مقام تي ارشاد فرمايو: عمامو ٻڌو جو هن ڪان توهان جو حِلم وڌندو. (مستدرڪ، 5/272، حديث:7488)

ياد رکو! اسان کي حقيقي معنيٰ ۾ **اولياءِ ڪرام** رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم جي خوشنودي (رضا) تڏهن ئي حاصل ٿيندي جڏهن اسان انهن جي سيرت تي عمل ڪنداسين. اولياءِ ڪرام پنهنجي سڄي زندگي **سنتن کي عام ڪرڻ** لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي ۽ اهي سڄي حياتي **سنتن جو درس** ڏيندا رهيا جڏهن تہ اڄ اسان عملي طور تي طئي ڪري ڇڏيو آهي تہ **سنتون اپنائڻ تي سختي سان پابندي آهي**.


## کهڙي خطا اسان کان اهڙي ٿي وئي آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهہ ماڻهو چوندا آهن: سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ ڇا سبب آهي جو اسان جي گهرن مان بيماري نہ ٿي وڃي، بي روزگاري نٿي وڃي، اسان کي اولاد نہ ٿو ٿئي، اسان وٽ هيءَ پريشاني آهي ۽ هوءَ پريشاني آهي! ۽ هي چوندي ٻڌا ويندا آهن تہ: ”خبر نٿي پئي تہ اسان ڪان کهڙي خطا ٿي آهي جو اسان کي سزا ملي رهي آهي“ جڏهن تہ حالت اها آهي جو پنهنجي چهري تان ڏاڙهي صاف ڪري اُن کي دشمنانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جهڙو بڻائي ڇڏيندا آهيون ۽ نمازون بہ بلڪل ناهيون پڙهندا. جيڪڏهن اوهان چاهيو ٿا تہ اوهان جي گهر مان بيماريون، بي روزگاريون، بي اولاديون ۽ پريشانيون ختم ٿي وڃن تہ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون سنتون اپنايو ۽ پنج وقت نماز پڙهو. اِنۡ شَآءَ الله اوهان کي ذهني ۽ دلي سڪون حاصل ٿيندو ۽ اوهان جو گهر امن ۽ خوشحالي جو گهوارو بڻجي ويندو.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## ايندڙ هفتي جو رسالو





فيضانِ مدينه، محلو سوداگران، پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net